

# چا متحده کي گڏ کڻڻ جو ڪو جواز آهي؟

**_ جامي چانڊيو**

جيتوڻيڪ چونڊن ڪانپوءِ قومي ۽ صوبائي اسيمبليون تہ وجود ۾ اچي چڪيون آهن پر حڪومت سازيءَ جو مرحلو اڃا پنهنجي پراسس ۾ آهي. جن ڏکين ۽ پيچيده حالتن ۾ چونڊون ٿيون، اُهي تہ هڪ حد تائين حل ٿي ويون پر چونڊن ڪانپوءِ وري نين پيچيدگين منهن ڪڍيو آهي. ڇاڪاڻ تہ پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ساڄيءَ ڌر (مسلم ليگ ن ۽ جي يو آءِ ف) لبرل (پ پ پ) ۽ کاٻيءَ ڌر جي سوچ ڏانهن مائل ڌر (اي اين پي) گڏجي حڪومت ٺاهي آهي. اها هن اسيمبليءَ ۽ حڪومت جي سگهہ ۽ انفراديت بہ آهي تہ وڏي اندروني ڪمزوري بہ. پر هيستائين ابتدائي مرحلي ۾ ان حڪومتي اتحاد ۾ شامل ڌرين هڪ ٻئي سان سهڪار ڪيو آهي ۽ ان جا امڪان موجود آهن تہ اهو اتحاد ۽ ان ۾ شامل ڌريون ماضيءَ جي غلطين ۽ تلخ تجربن مان سکي هاڻي پاڻ سنڀالي هلي ۽ هڪ بهتر سياسي ماحول ۽ ڪلچر جو بنياد وجهن. انهن سمورن مرحلن دوران هڪ سوال بار بار اُٿي رهيو آهي ۽ ان سبب عوام ۽ خاص طور سنڌي عوام ۾ سخت ٻُڪتيءَ واري صورتحال پيدا ٿي رهي آهي تہ ٻئي طرف ان سان اتحاد ۾ ڏار پوڻ جا آثار بہ چٽا نظر اچي رهيا آهن ۽ اهو سوال آهي حڪومت ۽ خاص طور سنڌ حڪومت ۾ متحده جي امڪاني



شموليت جو سوال. جيتوڻيڪ پ پ پ ان ڏس ۾ ڪوبہ واضع ۽ حتمي فيصلو نہ ڪيو آهي پر ٻڳو بار بار ان سوال جي اُڀرڻ سان ئي سنڌي عوام کي پنهنجي حاصل ڪيل فتح شڪست ۾ تبديل ٿيندي نظر اچي ٿي. جڏهن سنڌي ماڻهو متحده جي سنڌ حڪومت ۾ شموليت تي سخت ارها ٿين ٿا تہ ان ۾ سندن ڪوبہ نسلي تعصب شامل ناهي ۽ نہ ئي ان کي اردو ڳالهائيندڙ عوام سان سنڌي جو قومي رويو سمجهڻ گهرجي. متحده ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام بہ مختلف شيون ۽ مفاد آهن. جڏهن سنڌي عوام متحده جي وجود کي پنهنجي ڌرتي، سياسي ميدان ۽ پنهنجي دل ئي نہ پر روح تي بار ٿو سمجهي تہ ان جا ٺوس سبب آهن، جن جو بنياد سنڌي عوام جا گذريل ايڪي ڏهاڪن جا بدترين ۽ خوفناڪ تجربا آهن. انهن مان ڪي خاص سبب هي آهن:

(1) سنڌ جهڙي امن جي ڌرتيءَ تي هن ڌر رياستي مدد سان پنهنجي وجود جي قيام جي پهرين ڏينهن کان وٺي بدترين دهشتگرديءَ جي بازار گرم ڪئي آهي. سياست ۾ فساد، دهشتگردي، خوف، عدم سلامتي ۽ نسلي تعصب سنڌي عوام جي حق ۾ نہ آهي، جڏهن تہ متحده جي سياست جو بنياد ئي اهي عنصر آهن.

(2) متحده دهشتگرديءَ ذريعي سنڌ جي شهرن تي عملي طور قبضو ڪرڻ چاهي ٿي، جنهن ۾ هنن هميشہ وَس پڄي سنڌي ماڻهن لاءِ روزگار، رهائش، تحفظ، چٽا پيٽيءَ، تعليم ۽ قومي جمهوري سياست جا دروازا بند ڪرڻ جي نہ رڳو ڪوشش پئي ڪئي آهي پر ان ۾ رياستي مدد سان گهڻي حد تائين ڪاميابي پڻ ماڻي آهي.

(3) متحده کي جڏهن بہ حڪومت ۾ رهڻ جو وارو ڏنو ويو آهي تہ ان سنڌ حڪومت جي کاتن ۽ اختيارن کي هميشہ سنڌي عوام جي قومي مفادن خلاف پئي استعمال ڪيو آهي. لکين ايڪڙ زمينن جي غير قانوني ۽ ناجائز الاٽمينٽ، سموريون نوڪريون پنهنجن دهشتگردن کي ڏيڻ، سنڌي آفيسرن کي شهرن مان نيڪالي ڏئي ديوار سان لڳائڻ، پبلڪ سروس ڪميشن تي قبضو پاڻ تان هزارين ڏوهن، خونن ۽ دهشتگردين جا ڪيس رات وچ ۾ ختم ڪرائڻ، سنڌي ٻوليءَ سان سخت تعصب جو مظاهرو ڪرڻ، تعليمي ادارن کي تباهہ ڪرڻ ۽ سنڌ جي وسيلن جي بيدرديءَ سان ڦرلٽ رڳو ان جا ڪجهہ مثال آهن.

(4) متحده جڏهن بہ حڪومت ۾ ايندي آهي تہ اها رياستي ادارن ۽ اسٽيبلشمينٽ جي پارٽين سان گڏجي هميشہ اڪثريتي سنڌي عوام کي ديوار سان لڳائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. ٻين لفظن ۾ سنڌ تي سنڌين جي حڪمرانيءَ جي تاريخي حق تي ڌَنل وائنل ڏاڍو محسوس ٿيندو آهي ۽ رڳو محسوس نہ پر ثابت ٿيندو آهي.

(5) هر دفعي جڏهن متحده حڪومت ۾ ايندي آهي تہ اها پنهنجي سگهہ کي ناجائز طور مضبوط ڪرڻ ۽ سنڌ جي ورهاڱي جا عملي طور بنياد رکندي آهي. ڪراچيءَ جي سٽي حڪومت، حيدرآباد جو ورهاڱو تعصب ۽ نڳيءَ تي ٻڌل تڪ بندين، ڪوڙين ووٽر لسٽن، غير قانوني پرڏيهين کي شهريت جا حق وٺي ڏيڻ رڳو ان جا چند مثال آهن.

(6) متحده سنڌ اندر گهڻ نسلي ۽ قوميتي قومي جمهوري سياست آڏو وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ رهي آهي. سنڌ کي اهڙي قومي جمهوري سياست جي گهرج آهي، جنهن ۾ سنڌ ۾ مستقل طور رهندڙ سيني ٻولين جا ڳالهائيندڙ ماڻهو محبت سان ۽ سنڌ جي مفاد ۾ گڏجي هلن پر ان راهہ ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ اها دهشتگرد ڌر آهي جيڪا سنڌ ۾ لساني ۽ نسلي تعصب، دهشتگرديءَ ۽ ڦرلٽ توڙي ڌڪاءُ جي بنياد تي سياست ڪري ٿي. متحده سنڌ جي قومي جمهوري سياست جي اڳسر آڏو رياست جو ٻڌل هڪ بند آهي، جنهن کي عوام گڏريل اڊائي ڌاڪن کان پئي پوڳيو آهي.

(7) متحده نہ رڳو مقامي طور اسٽيبلشمينٽ جو هڪ هٿيار آهي پر اها هن خطي ۾ ناجائز مفاد رکندڙ علائقائي (Regional) ۽ عالمي طاقتن جي پاليل شيءِ آهي، ان ڪري جيڪڏهن سياٽي هن خطي ۾ ڪابہ اٿل پٿل ٿي تہ هيءَ ڌر سنڌ ۽ سنڌين جي قومي مفادن خلاف پهرين ڏڪ سان انهن ڌرين طرفان استعمال ٿيندي.

اهي ۽ ٻيا انيڪ سبب آهن جن جي ڪري سنڌي عوام جي گهڻائي هن ڀيري ڪنهن طور بہ نہ ٿي چاهي تہ متحده کي سنڌ يا مرڪز ۾ حڪومت ۾ شامل ڪيو وڃي. ان حوالي سان موجوده صورتحال ۾ ان جا ٻيا بہ مخصوص سبب آهن، جن مان مکيہ هي آهن:

(1) مشرف حڪومت جا ڏهہ سال سنڌي عوام متحده جي تعصب ۽ سنڌي دشمن روين کي بدترين انداز سان پئي پوڳيو آهي. اهو سڄو دؤر سنڌي عوام لاءِ هڪ ڪارو دؤر هو، جنهن ۾ سنڌي عوام کي ٻئي ٽيئين درجي جي ماڻهن جيان ڊيل ڪيو ويو. اڪثريتي نمائندگيءَ باوجود سنڌي عوام سنڌ تي پنهنجي حڪمرانيءَ جي تاريخي حق کان محروم رهيو. سنڌي ماڻهو اکين سان پنهنجين زمينن، ملڪيتن، شهرن، وسيلن ۽ حڪومتي ادارن جي ڀيل نڌڻڪائيءَ سان ڏسندو رهيو. هن ڀيري سنڌي عوام طرفان 1988ع جيان هڪ ڀيرو وري پ پ پ کي ڏنل موٽ ۽ مينڊيٽ جو اصل سبب ئي اهو هو جو ماڻهن دهشتگرد ۽ متعصب راڄ کان نجات ٿي چاهي ۽ سمورين رياستي ڪوشش باوجود سنڌي ماڻهن پنهنجو اڪثريتي مينڊيٽ ڏئي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ڪين سنڌ تي حڪمرانيءَ جو حق واپس گهرجي، جنهن جو واضع مطلب هو تہ ڪين سنڌ ۾ متحده جي دهشتگردي، بليڪ ميلنگ، ڦرلٽ ۽ غير جمهوري راڄ کان نجات ملي. عوام پ پ پ کي



ان ڪري بہ اڪثريتي مينڊيٽ ڏنو تہ جيئن اها حڪومت سازيءَ ۾ ڪنهن جي بہ آڏو محتاج نہ هجي ۽ اها سنڌ ۽ ان جي عوام لاءِ ڪو سک جو سنيهو آڻي. ان ڪري متحده جي سنڌ حڪومت ۾ شموليت ان سڄي جذبي ۽ مينڊيٽ جي توهين ٿيندي.

(2) متحده کي جڏهن جڏهن بہ موقعو مليو آهي تہ ان سنڌين جي اڪثريتي مينڊيٽ واري ڌر پ پ پ کي ديوار سان لائي سرڪاري سنڌي وڏيرن جي گروپن سان اتحاد ڪري سنڌ جي حڪومت تي قبضو پئي ڪيو آهي. ڄام صادق، لياقت جتوئي، غوث علي شاهہ، علي محمد مهر ۽ ارباب غلام رحيم جي حڪومتن سميت 2002ع جي چونڊن کانپوءِ جو سڄو دؤر بہ ايئن هو. سنڌي ماڻهو ان ناجائز ۽ توهين آميز دهشتگرد راڄ کان نجات چاهين ٿا. ڇا متحده 2002ع ۾ پ پ پ کي اڪثريتي ڌر طور ڪا آڇ ڪئي؟ جيئن تہ اهي سنڌ ۾ گڏجي حڪومت ٺاهين؟ هنن تہ پاڻ مسلم ليگ (ق) ۽ فنڪشنل جهڙين سرڪاري ۽ اقليتي ڌرين سان گڏجي اڪثريتي ڌر يعني پ پ پ کي ديوار سان لڳايو. هاڻي جڏهن سنڌي عوام پاڻ مڙسي ڪري پنهنجو قطعي اڪثريتي مينڊيٽ پ پ پ کي ڏنو آهي تہ پوءِ ان ڌر کي ڇو سنڌ حڪومت ۾ کنيو وڃي، جنهن هميشہ ۽ هر موقعو ملڻ تي سنڌ ۽ سنڌين کي نانگ بڻجي ڏنگيو آهي. اصولي طور تہ پ پ پ جي سنڌ ۾ اڪيلي حڪومت کي ماضيءَ جي ڏاڍاين ۽ بدترين ڦرلٽ جو ازالو ڪرڻ گهرجي، پر جي ڪين ان سڄي ظلم، دهشتگرديءَ ۽ ڦرلٽ توڙي سنڌين سان تعصب باوجود سنڌ حڪومت ۾ شامل ڪيو ويو تہ پوءِ اها سنڌين جي اڪثريتي مينڊيٽ جي توهين نہ چئبي تہ ٻيو ڇا چئبو؟

(3) نظر اهو پيو اچي تہ پ پ پ متحده جي ان بليڪ ميلنگ جو دٻاءُ محسوس ٿي ڪري جنهن ۾ اها چوندي رهي آهي تہ جي ڪين حڪومت ۾ شامل نہ ڪيو ويو تہ پوءِ ڪراچيءَ ۾ امن قائم رهي نہ سگهندو. ان کان وڌيڪ سندن دهشتگرد ذهنيت جو ثبوت ٻيو ڇا هوندو؟ يعني سنڌين جي اڪثريتي ڌر گذريل اٺ ڏهہ سال پاسيري ۽ ديوار سان لڳل هئي تڏهن ڪراچيءَ يا سڄيءَ سنڌ جو امن خراب نہ ٿيو پر جڏهن متحده حڪومت کان ٻاهر هوندي تہ پوءِ امن قائم رهي نہ سگهندو. سوال آهي تہ آخر ڪيستائين اها بليڪ ميلنگ جاري رهندي ۽ سنڌ جون حڪومتون يرغمال رهنديون؟ ايئن تہ پوءِ ڏاڙيل ۽ ٻيون مافيائون بہ گڏجي بليڪ ميل ڪن تہ ڪين حڪومت ۾ شامل نہ ڪيو ويو تہ امن قائم نہ رهندو تہ پوءِ ڇا انهن کي بہ وزارتون ۽ سرڪاري منصب ملندا؟ ٻيو تہ ڇا امن رڳو سنڌين جي ضرورت آهي؟ ڇا سنڌ ۾ مستقل طور رهندڙ ٻين ماڻهن، سياست، واپار ۽ شعبن کي امن جي ضرورت ناهي؟ ۽ جڏهن ڪا ڌر حڪومت کي ايئن بليڪ ميل ڪري تہ پوءِ ان صورتحال ۾ ڪنهن بہ حڪومت جو فرض ڇا آهي ۽ هئڻ گهرجي؟ حڪومت جو مطلب

چا هوندو آهي؟ ۽ جيڪڏهن ڪا حڪومت عوام جي مدد ۽ مينڊيٽ باوجود بليڪ ميلنگ آڏو گوڏا کوڙي ته ان کي ڇا چئبو؟

(4) پ پ پ کي پاڻ کي به متحده سان حڪومت ۾ گڏ هجڻ جا ماضيءَ ۾ تلخ ۽ بدترين تجربا آهن. 1988ع ۾ سيد قائم علي شاهه جي حڪومت کي ناڪام ڪرڻ ۾ بنيادي هٿ ان ڌر جو هو. ڀلا ساڳئي ڀِرُ مان پاڻ کي گهڻا ڀيرا ڏنگائبو؟

(5) سنڌي عوام طرفان متحده کي امڪاني طور سنڌ حڪومت ۾ شامل ڪرڻ ان ڪري به نه ٿو وڻي جو ان سان اها ڳالهه هميشه لاءِ جڙ ته عملي طور طئي ٿي ويندي ته سنڌين کي اڪثريتي هئڻ باوجود پنهنجي ئي ديس ۽ صوبي ۾ حڪومت ٺاهڻ جو ڪو به حق نه آهي. جي سنڌي سنڌ ۾ به پنهنجي حڪومت ٺاهي نه ٿا سگهن ته پوءِ ڇا اهي ڪنهن ٻئي صوبي يا مريخ تي وڃي حڪومت ٺاهيندا؟ ٻيو ته پ پ پ ڪو رڳو سنڌين جي پارٽي به نه آهي. اها هڪ وفاقي پارٽي آهي، جنهن ۾ سمورين ٻولين ۽ قومن جا ماڻهو شامل آهن. ان ڪري پ پ پ کي اڪثريتي مينڊيٽ سبب سنڌ ۾ پنهنجي ڌار حڪومت ٺاهڻ جو سمورو اخلاقي، سياسي ۽ آئيني حق آهي ۽ پ پ پ کي پنهنجي ان حق ۽ استحقاق جو احترام ڪرڻ گهرجي.

(6) ماڻهو چاهين ٿا ته گذريل سڄي دؤر ۾ جيڪي سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون ڀڳڙن مُٺ تي وڪيون ۽ قبضي هيٺ آنديون ويون آهن، انهن جي جاچ ٿيڻ گهرجي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ان دهشتگرد ڌر حڪومت جي قيام کان اڳ ئي سنڌ جو سمورو روينيو رڪارڊ ساڙي ڇڏيو آهي. ان واردات جو سبب رڳو اهو آهي ته انهن سنگين ڦرلٽ ۽ ڌاڙن جا پيرا مٽائي ڇڏجن. ماڻهو چاهين ٿا ته شهرن ۽ خاص طور ڪراچيءَ ۾ جيڪي لکين ڇا ڪروڙين غير قانوني هٿيار جمع ڪيا ويا آهن جيڪي پُرامن شهرين ۽ سنڌين خلاف استعمال ٿيندا، اُهي رياستي تحويل ۾ ورتا وڃن. ماڻهو اهو به چاهين ٿا ته دهشتگردن خلاف جيڪي هزارين سنگين ڏوهن جا ڪيس واپس ورتا ويا آهن، اُهي ٻيهر اُٿلايا ۽ قانوني طور عدالتن ۾ هلايا وڃن ۽ مجرمن کي گهربل سزائون ڏنيون وڃن. ماڻهو 12 مئي واقعي، محترمه بينظير ڀٽو جي ڪراچيءَ ۾ جلوس تي حملي ۽ سوين سياسي ڪارڪنن جي قتل جي عدالتي جاچ چاهين ٿا. ماڻهو چاهين ٿا ته سنڌ ۾ پبلڪ سروس ڪميشن تي قبضو ڪري جيڪي هزارين نوڪريون غير قانوني طور ۽ به اڪيائيءَ سان ڏنيون ويون آهن، اهي رد ٿيڻ گهرجن. اهي ۽ اهڙا ٻيا ڪوڙسارا جائز مطالبا ۽ خواهشون آهن، جيڪي عوام جي زبانن، ذهنن ۽ دلين ۾ آهن پر جيڪڏهن انهن ڏوهن جي اصل ذميوار ڌر کي حڪومت ۾ شامل ڪيو ويو ته معنيٰ اهو انصاف ملڻ ته نهيو پر مورڳو ان جو امڪان به ختم.



هن ڀيري هڪ بهتر ڳالهه اها آهي ته پ پ پ جون مرڪز ۾ به مکيه اتحادي ڌريون يعني مسلم ليگ (ن) ۽ عوامي نيشنل پارٽي پڻ متحده کي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ جي سخت خلاف آهن. پ پ پ کي ان صورتحال جو مڪمل فائدو وٺڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اهڙا موقعا کين بار بار نه ملندا. آصف علي زرداريءَ کي سيڻيءَ جو وڏو ٿيڻ جي ڪا به ضرورت ناهي. سياست ۾ سيڻي کي گڏ کڻي هلڻ يا سيڻي کي راضي رکڻ هوشياري نه پر خود فريبي ليکبي آهي. مخدوم امين فهيم جهڙي معتبر اڳواڻ ان ئي سبب ڪري ڏڪ کاڌو. ان ڪري آصف علي زرداريءَ کي ان روش کان پاسو ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته متحده سان گڏ هلڻ بند گليءَ ڏانهن سفر جي مترادف آهي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته سوڀ جي احساس ۾ سرشار سنڌي عوام ان کي پنهنجي مينڊيٽ جي توهين ۽ پنهنجي سوڀ کي شڪست ۾ تبديليءَ جي صورت ۾ ڏسندو.